جمادي الاولٰي 1444ھ / دسمبر 2022ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# الله پاڪ جا پيارا ڪيئن بڻجون؟

مفتي ابو صالح محمد قاسم عطاري

ماهنامہ جمادي الاولٰي 1438

ارشادِ باري تعالٰي آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ یَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ(۳۱)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي.

(سيپارو: 3، سورة اٰلِ عمران: آيت 31)

**تفسير:** ڪجھ ڪافر الله پاڪ سان محبت جي دعوا ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمايو تہ اوهان انهن کي فرمايو: جيڪڏهن توهان الله پاڪ سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجي پيروي ڪيو ڇوتہ محبتِ الٰهي جي دعوا ۾ سچائي جي علامت اها ئي آهي، هن کان بغير توهان جي دعوا قابلِ قبول ناهي، جيڪڏهن توهان منهنجي پيروي ڪندؤ تہ توهان تي الله تعالٰي جي خاص عنايت هيءَ ٿيندي جو خود ربّ تعالٰي توهان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو ۽ توهان جي لاءِ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله پاڪ جو شان هي آهي تہ هو بخشڻ وارو مهربان آهي.

هن مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون:

(1): هر شخص تي هي لازم آهي تہ هو حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اتباع ۽ پيروي ڪري. حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْہ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اسان يهودين جون ڪجھ ڳالهيون ٻڌندا آهيون جيڪي



اسان کي پليون لڳنديون آهن ڇا اوهان ﷺ اجازت ڏيو ٿا تہ ڪجھ لکي بہ وٺندا ڪيون؟ پاڻ سڳورن ﷺ ارشاد فرمايو: ڇا توهان يهودين ۽ عيسائين وانگر حيران آهيو! مان توهان وٽ روشن ۽ صاف شريعت کڻي آيو آهيان ۽ جيڪڏهن اڄ حضرت موسىٰ عليه السلام بہ زنده هجن ها تہ انهن کي بہ منهنجي اتباع جي بغير ڪا راهہ نہ هجي ها.

(شعب الايمان،199/1،حديث: 176)

(2) رسولِ ڪريم ﷺ جي پيروي ڪرڻ تي الله پاڪ جون بہ خاص عنايتون ٿينديون، هڪ هي تہ الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو. ٻي هي تہ الله پاڪ ان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو.

لهٰذا جيڪو محبوبِ الٰهي بڻجڻ ۽ گناهن جي مغفرت ڪرائڻ چاهي ٿو ان کي گهُرجي تہ پنهنجي تمام قولن ۽ فعلن ۾ حضور پُر نور ﷺ جي ڪامل پيروي ڪري.

ترغيب جي لاءِ هتي صحابہءِ ڪرام رضي الله عنهم جي اتباع جا بہ ٻي مثال واقعا ٻڌندا:

(1) حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه هڪ ڀيري پاڻي گهرايو ۽ وضو ڪيو، پوءِ پاڻ مُرڪڻ لڳا ۽ ساٿين کي فرمايائون: هڪ ڀيري حضورِ اقدس ﷺ هن جڳهہ جي ويجهو ئي وضو فرمايو ۽ فراغت کان بعد مرڪيا هئا (تہ مون سندن ادا کي ادا ڪيو آهي)

(مسندامام احمد، 130/1، حديث:415)

(2) حضرت عبدُ اللّٰه بن عمر رضي الله عنهما هڪ جڳهہ تي پنهنجي ڏاچيءَ کي چڪر لڳرائي رهيا هئا. ماڻهن سندن کان ان جو سبب پڇيو تہ پاڻ رضي الله عنه جن فرمايو: ”مان (هن جي حڪمت) نہ ٿو ڄاڻان، پر هن جڳهہ تي تاجدارِ رسالت ﷺ کي ايئن ڪندي ڏٺو هو ان ڪري مان بہ ايئن ڪري رهيو آهيان.

اللّٰه پاڪ اسان کي بہ رسولِ ڪريم ﷺ جي ڪامل اتباع ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

# اسلامي عقائد

# ملائڪه

سيّد محمد سجاد عطاري مدني

## "ملائڪن" جي باري ۾ اسلامي عقائد

"ملائڪ" نوري مخلوق آهن. الله پاڪ انهن کي نور مان پيدا ڪيو ۽ اسان جي نظرن کان پوشيده ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي اهڙي طاقت ڏني جو جنهن شڪل ۾ چاهين ظاهر ٿي وڃن. "ملائڪ" حڪمِ الاهي جي خلاف ڪجهه بہ ناهن ڪندا. هي هر قِسم جي صغيره، ڪبيره گناهن کان پاڪ هوندا آهن. ڪنهن ملائڪ" جي معمولي گستاخي بہ ڪفر آهي. "ملائڪن" جي وجود جو انڪار ڪرڻ يا هي چوڻ تہ "ملائڪ" نيڪي جي قوت کي چوندا آهن ۽ ان کان علاوه ڪجهه ناهي، هي ڪفر آهي.

### "ملائڪن" جو تعداد:

"ملائڪن" جو تعداد اهو ئي ربّ پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو جنهن انهن کي پيدا ڪيو ۽ ربَّ جي ٻڌائڻ سان ان جو رسول ڄاڻي.

"ملائڪ" ڇا ڪندا آهن؟: الله پاڪ انهن جي ذمي مختلف ڪم لڳايا آهن، جن مان ڪجهه هي آهن: انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ وحي آڻڻ، مينهن وسائڻ، هوائون هلائڻ، مخلوق تائين روزي پهچائڻ، ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي صورت ٺاهڻ، انساني بدن ۾ تصرف ڪرڻ، انسان جي حفاظت ڪرڻ، نيڪ اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ، انسانن جا اعمالً نامہ لکڻ، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ، بارگاهِ رسالت ۾ مسلمانن جو درود ۽ سلام پهچائڻ، مُردن کان سوال ڪرڻ، روح قبض ڪرڻ، گنهگارن کي عذاب ڏيڻ، صور ڦوڪڻ ۽ انهن کان علاوه ٻيا بہ ڪوڙ ڪم آهن جيڪي ملائڪ سرانجام ڏيندا آهن.

(ماخوذ اَز بہارِ شریعت، 1/90تا95)

# ڪاروبار ۾ وعدي جي اهميت

عبدالرحمٰن عطّاري مدني

اڄڪلھ هر ماڻهو جي اها خواهش هوندي آهي ته منهنجو ڪاروبار خوب وڌي. ڪاروبار جي ڪاميابي جا جتي ٻيا ڪوڙ سارا سبب آهن اُتي "وعدو" نڀائڻ به وڏي اهميت جو حامل آهي. ڪاروبار ڪان تعلق رکڻ وارو ڪوبه شخص انهيءَ وقت ڪامياب ڪاروباري بڻجي سگهي ٿو جڏهن هُو پنهنجو اعتماد قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ "وعدو" پورو ڪرڻ سان ماڻهن جو اعتماد بحال ٿيندو آهي. اعتماد جي بحالي ڪاروبار جي ترقي ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي، ڪجهه ماڻهو پارٽين ڪان اُڌر تي مال ڪڻندا آهن، جيڪڏهن هُو انهن کي ڪيل "وعدي" مطابق پيسا واپس ڪندا آهن ته پارٽيون مطمئن ٿي وينديون آهن ۽ جڏهن هو ٻيهر انهن ڪان مال وٺڻ ويندا آهن ته اهي خوشي سان انهن کي اُڌر تي سامان ڏيندا آهن.

ايئن گراهڪ ڪان آرڊر وٺڻ وقت جيڪا شيءِ ڏيڻ جو "وعدو" ڪيو هجي اها ئي ڏني وڃي، ان جو فائدو هي ٿيندو جو گراهڪ جو اعتماد وڌي ويندو ۽ هو پنهنجي قريبي مٽ مائٽن ۽ دوستن کي به اوهان وٽ وڃڻ جو مشورو ڏيندو، جيڪڏهن طئي شده شيءِ نه ڏني وڃي ۽ "وعده خلافي" ڪئي وڃي ته گراهڪ بدظن ٿي ويندو ۽ ٻيهر ڪڏهن به اوهان جي دُڪان جي ويجهو نه ايندو ۽ نه ڪنهن کي اچڻ ڏيندو ۽ ايئن وڪري ۾ گهٽتائي ٿي ويندي ۽ ايئن ڪاروبار به بند ٿي ويندو. ڪوشش ڪيو جڏهن به ڪنهن سان وعدو ڪيو ته ان کي پاڻ وٽ لکي ڇڏيندا ڪريو يا پنهنجي موبائل فون ۾ ريمائنڊر (Reminder) رکي ڇڏيو ته جيئن ويسر نه ٿي ۽ "وعدو" وقت تي پورو ٿي سگهي.

ڪجهه دڪاندار پيسا ڏيڻ



جي باري ۾ سپلائي ڪرڻ واري ڪان ڪوڙا ”وعدا“ ڪندا آهن تہ اڄ ناهن سڀاڻي اڇجاڻ پر پوءِ بہ ان ڪي وقت تي پيسا ناهن ڏيندا ٻيٺو پريشان ڪندا رهندا آهن.

## وعدي خلافي حرام آهي

يادرکو! وعدو پورو نہ ڪرڻ جي نيت سان ۽ رڳو ٽارڻ جي لاءِ ڪوڙو ”وعدو“ ڪرڻ ناجائز ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. حديث شريف ۾ آهي: جيڪو ڪنهن مسلمان سان عهد شڪني ڪري (يعني وعدو پورو نہ ڪري)، اُن تي الله پاڪ، ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي ۽ ان جو ڪوبہ فرض قبول نہ ٿيندو نہ ئي نفل.

(بخاری، 616/1، حدیث: 1870، ملتقطاً)

”وعدو“ ڪندي وقت جيڪڏهن ڪنهن جي نيت ”وعده خلافي“ جي هجي پر اتفاقاً پورو ڪري ڇڏي تہ پوءِ بہ ان بدنيّتي جي ڪري گنهگار آهي. هر ”وعدي“ ۾ نيت جو وڏو دخل آهي.

(خلاصه از مراٰۃ المناجیح، 492/6)

الله تعاليٰ اسان ڪي”وعدو“ پورو ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# سچو تاجر؟

سيّد انعام رضا عطّاري مدني

پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن جي ڪفالت جي لاءِ ضرورت جيترو حلال رزق ڪمائڻ فرض آهي. حلال روزي ڪمائڻ جا ڪيترائي ذريعا آهن جن مان هڪ بهترين ذريعو ”واپار“ پڻ آهي. واپار ڪرڻ جتي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت آهي اُتي ڪمائي جو هڪ بهترين ذريعو به آهي. ”ربّ تعالي رزق جا ڏهه حصا ڪيا نو حصّا واپاري ڪي ڏنا ۽ هڪ حصو سڄي دنيا ڪي.“

(اسلامی زندگی،ص149)

”واپار“ چڱي ڪمائي ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جو سبب انهيءَ صورت ۾ ٻڻجي سگهي ٿو جڏهن واپاري سچائي ۽ ديانت داري ڪان ڪم وٺي جيئن ته سرور ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ سڀني ڪان چڱي ڪمائي انهن واپارين جي آهي جيڪي گفتگو ڪن ته ڪوڙ نه ڳالهائين، اَمين ٻڻايا وڃن ته خيانت نه ڪن، وعدو ڪن ته خلاف ورزي نه ڪن، (ٻين ڪان) ڪا شيءِ خريد ڪن ته انهن جي مذمت نه ڪن، (پنهنجي شيءِ) جڏهن وڪڻن ته ان جي بيجا تعريف نه ڪن ۽ جڏهن اُنهن تي قرض هجي ته (ان جي ادائيگي ۾) ٽال مٽول نه ڪن ۽ انهن جو ڪنهن تي قرض هجي ته ان تي( وصولي ۾) تنگي نه ڪن.

(شعب الایمان، 221/4،حدیث: 4854)

جيڪڏهن ڪو واپاري ڪوڙ، خيانت ۽ دوڪي ڪان بچندي سچائي ۽ ايمانداري سان واپار ڪري ته دنيا ۾ ڪاميابي سان گڏوگڏ آخرت جي سرخروئي به ان جو مقدر ٻڻجي سگهي ٿي جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: سچو ۽ ايماندار واپاري (قيامت جي ڏينهن) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صديقن ۽ شهيدن سان گڏ هوندو.

(ترمذی،5/3، حدیث:1213)

هن حديث پاڪ جي حوالي سان حڪيم الاُمّت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو ته ٻين ڪاروبارن جي مقابلي ۾ واپار سڀني ڪان اعليٰ پيشو آهي، پوءِ واپار ۾ اناج جو، پوءِ ڪپڙي جو، پوءِ عطر جو واپار افضل آهي. ضرورياتِ زندگي ۽ ضرورياتِ ديني جو واپار ٻين واپارن ڪان بهتر آهي، پوءِ سچو واپاري مسلمان، نهايت ئي خوش نصيب آهي جو اُن ڪي نبين، ولين سان گڏ حشر نصيب ٿيندو آهي. پر هي رفاقت اهڙي هوندي جيئن خادمن ڪي آقا سان رفاقت هوندي آهي هي مطلب نه آهي ته هي

واپاري نبي ٿي ويندو، چڱو واپاري بادشاھ آهي ۽ برو واپاري فاسق آهي.

(مراٰة المناجيح ،244/4)

هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ فرمايو: سچو واپاري قيامت جي ڏينهن عرش جي سايي ۾ هوندو. (ڪنزالعمال،5/2،جزء:4، حديث: 9214)

تنهنڪري تاجرن ڪي گهرجي تہ هنن فضيلتن ۽ برڪتن کي حاصل ڪرڻ ۽ حلال رزق ڪمائڻ جي لاءِ سچائي ۽ ديانتداري کان ڪم وٺن ۽ پنهنجو مال وڪڻڻ جي لاءِ ڪوڙو قسم هرگز نہ کڻن جو ”ڪوڙو قسم کڻي سامان وڪرو تہ ٿي ويندو آهي پر برڪت ختم ٿي ويندي آهي“.

(كَنْزُالْعُمّال ،297/8،جزء:16،حديث:46376)

پنهنجي مال جي اجائي تعريف بہ نہ ڪري بلڪ جيڪڏهن اُن ۾ ڪو عيب يا خامي هجي تہ گراهڪ جي سامهو بيان ڪري ڇڏي. الله پاڪ اسان کي شريعت جي مطابق حلال روزي ڪمائڻ ۽ کائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# مفتيِ اعظم پاڪستان
# مفتي صاحبداد جمالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

قمرالدّين عطّاري
( مجلس رابط بالعُلماء والمشائخ سلطان ڪوٽ)
ماهوار فيضانِ مدينه ڊسمبر 2022

**ولادت:** استاذُ العُلماء عُمدةُ الفقهاء مفتي اعظم پاڪستان حضرت علامه مفتي محمد صاحبداد خان بن خميسو خان جمالي جي ولادت 14 اپريل 1898ع بمطابق 1316 ھ ۾ ڳوٺ لوٽي ضلعو سبي بلوچستان ۾ ٿي، سندن تعلق جمالي بلوچ قبيلي سان هو ۽ سندن آباڻو وطن جهوڪ سيد قاسم شاه تعلقو ياڳ ڊويزن قلات صوبو بلوچستان هو.

مهران سوانح نمبر، ص 237

**تعليم ۽ تربيت:** حضرت مفتي محمد صاحبداد جمالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قرآن پاڪ جي تعليم مشهور اهل الله خواجه سيد خواج محمد شاه صاحب ڪاظمي عليه الرحمه وٽ بمقام انجڻ شيڊ سبي ۾ حاصل ڪئي، ٿي درجا اردو بارنس اسڪول سبي مان پاس ڪيائون، عربي ۽ فارسي جي ابتدائي تعليم حضرت مولانا محمد يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (لانڊي فقير صاحب) وٽ حاصل ڪيائون ۽ 4،5 سال اتي پڙهندا رهيا، ان ڪان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني مدارس ۾ مروجه درس نظامي جي تعليم حاصل ڪندا رهيا. 1334ھ ۾ اعلي تعليم جي لاءِ ان وقت جي نامور ديني درسگاه ”مدرسه هاشميه قاسميه“ ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ داخلا ورتائون، جتي استاد الاساتذه فقيہ العصر حضرت علامہ مفتي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني المعروف صاحبِ تڪبير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ 11 ذوالقعد 1336ھ جو فارغ التحصيل ٿي ڪري، فراغت جي سند حاصل ڪيائون،

مهران سوانح نمبر،ص237

**شادي ۽ اولاد مفتي صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه
جن جون 2 شاديون ٿيل هيون هڪ پنهنجي جمالي خاندان مان جنهن مان سندن ڪي هڪ فرزند مولانا عبدالغفار ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي جڏهن ته ڪوئٽه ۽ قلات جي قيام دوران خان معظم حضرت مفتي صاحب عليه الرحمه جي شادي هڪ ممتاز سردار خاندان مان (نواب اڪبر خان بگٽي جي سوٽ سان) ڪرائي جنهن مان ڪين چار



صاحبزادا عبدالرشيد، عبدالعزيز، عبدالقادر، عبدالڪريم ۽ هڪ نياڻي ٿي.

مهران سوانح نمبر ، ص 238

**چيف جسٽس ۽ صحافت جو عهدو:** سندن رياستِ قلات جا قاضيُ القضاة (چيف جسٽس) رهيا. مهران سوانح نمبر ،ص 238 ۽ سلطان ڪوٽ منتقل ٿيڻ کان بعد مذهبي صحافت کي فروغ ڏنائون، بهرحال سنڌي ۾ هڪبئي پنيان ٻه ماهوار رسالا "ماهوار الهمايون" ۽ "ماهوار الاسلام" جاري ڪيا.

شڪارپور جی صحافتی تاریخ ، ص 92

**درس ۽ تدريس** پاڻ مختلف مقامات تي تدريس فرمائي ۽ آخر ۾ 1955ء جو جامعه راشديه درگاه شريف پير جو ڳوٺ (ضلع خيرپور ميرس، سنڌ) سان وابسته ٿي صدر مدرس ۽ شيخُ الجامعه جي حيثيت سان درس ۽ تدريس، فتوٰي نويسي ۽ تصنيف ۽ تحقيق وغيره ۾ مصروف رهيا ۽ زندگيءَ جا آخري ڏهه سال اتي ئي گذاريا.

انوار علمائے اہلسنت سندھ ، ص 370

**شاگرد:** پاڻ ديني شاگردن تي پيءُ وانگر شفقت فرمائيندا هئا جيڪڏهن ڪو بيمار ٿي ويندو هو ته علاج جو اهتمام فرمائيندا هئا. جامعه راشديه جا پنجاه سال ، ص 266 سندن شاگردن ۾ استاذُ العلماء حضرت مولانا مفتي محمد صالح مهر، حضرت علامه مفتي دُر محمد سڪندري، حضرت علامه مفتي عبدُ الواحد عباسي. سلطانُ الواعظين حضرت مفتي عبدُ الرحيم سڪندري، حضرت علامه مولانا سيّد غوث محمد شاهه صاحب جيلاني، ۽ حضرت مولانا قربان علي سڪندري حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري دامت فيوضهم جهڙيون هستيون پڻ شامل آهن.

**تصنيف ۽ تاليف:** درس ۽ تدريس کان علاوه عقائد ۽ اعمال جي اصلاح تي مشتمل ڪيترائي ڪتابَ لکيائون جن ۾ (1) اَلْبلاغُ الْمُبِين، (2) الحقُّ الصَّرِيح، (3) اِقَامَةُ الْبُرْهَان، (4) اَلتَّوَسُّل بِسَيِّدِ الرُّسُل الٰى خَالِقِ الْكُلّ، (5) اَلصَّارِمُ الرَّبَّانِی عَلٰی کرشن القادیانی، (6) سَيْفُ الرَّحْمان عَلٰى اَعْدَاءِ الْقُرآن، (7) السَّيْفُ الْمَسْلول عَلٰى اَعْدَاءِ آلِ الرَّسُول، (8) اَلْقَوْلُ الْمَقْبُوْل، (9) اِلْهَامُ الْقَدِيْر فِی مَسْئَلَةِ التَّقْدِير، (10) سَبِيْلُ النَّجَاح فِی مَسَائِلِ الْعِيَال والنِّكاح، (11) اَلْقَوْلُ الْاَنْوَر فِی بَحْثِ النُّوْرِ وَالْبَشَر، (12) اسلامي مشاورتي ڪونسل جي سوال نامن جا جواب، (13) مطالبهءِ حق، (14) نصرتُ الحق، (15) تعميرِ مساجد جي اهم فتوٰي ۽ (16) عشرهءِ ڪامله وغيره شامل آهن.

**فتوٰي نويسي:** علم ۽ فضل ۽ فتوٰي نويسي ۾ سندن شهرت عام هئي جو برِصغير کان علاوه يورپ، مشرقِ وسطٰي ۽ انگلستان تائين کان سندن وٽ سوال ايندا هئا پاڻ انهن جا علمي، تفصيلي ۽ مستند جواب لکي ڪري موڪليندا هئا.

مسلمانن جي ديني معاملن ۾ آساني لاءِ

ڪراچي ۾ مرڪزي دارالافتاءِ قائم ٿيو ته جمعيت علماءِ پاڪستان جي قائدين متفقه طور مفتي صاحب رحمۃ اللہ علیہ کي دارالافتاءِ جو رئيس منتخب ڪيو. جاتي پاڻ رحمۃ اللہ علیہ مسلمانن جي رهنمائي لاءِ فتاویٰ نويسي جي ڪم ۾ مشغول رهيا. انوار علمائے اہلسنت سندھ،ص367 فتوٰي نويسيءَ ۾ سندن مهارت جو تذڪرو محقق اهلِ سنّت حضرت علامه مفتي عبدُ الحڪيم شرف قادري رحمۃ اللہ علیہ جن به ڪيو آهي.

تذکرہ اکابر اہلسنت ، ص 188 ماخوذاً

**مفتيءِ اعظم پاڪستان جو لقب:** اهلِ سنّت جي وڏن عالمن جهڙوڪ استاذُالعلماء مفتي تقدس علي خان بريلوي (سابقه شيخُ الحديث ۽ شيخُ الجامعه جامعه راشديه درگاه شريف پير جو ڳوٺ) ۽ حضرت علامه مفتي محمد اعجاز ولي رضوي (شيخُ الحديث دارُ العلوم نعمانيه لاهور) عبدالحامد بدايوني، مفتي رياض الحسن جيلاني وغيره ڪين مفتيءِ اعظم پاڪستان جي لقب سان روشناس ڪرايو جيڪو سندن فقهي بصيرت جي لاءِ خراج تحسين آهي.

انوار علمائے اہلسنت سندھ ، ص 368

**ديدارِ مصطفٰي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ کي خواب ۾ خاتمُ النبيّين حضرت محمد مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ ڪيترن ئي عظيم هستين جي زيارت ٿي، جن ۾ صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن مسعود رضی اللہ عنہ، حضرت امام اعظم ابو حنيفه رحمۃ اللہ علیہ، حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ، اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ ۽ اورنگزيب عالمگير رحمۃ اللہ علیہ وغيره جهڙيون هستيون شامل آهن.

جامعہ راشدیہ جا پنجاھ سال ، ص 365

**تحريڪِ پاڪستان ۾ ڪردار** پاڻ تحريڪِ پاڪستان جا محنتي ڪارڪن پڻ هئا، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ تحريڪِ پاڪستان جي جدو جهد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سہ ماہی مہران سوانح نمبر ، ص238 1946 ۾ 27 کان 30 اپريل جو "**بنارس انديا**" ۾ آل انديا سني ڪانفرنس جو انعقاد ٿيو جنهن ۾ به هزار علماء ۽ مشائخ اهلِ سنّت شرڪت ڪري هڪ زبان ٿي ڪري پاڪستان جي حمايت ڪئي هئي، انهن ۾ پاڻ به شامل هئا.

خطبات آل انڈیا سنی کانفرنس ، ص 35

**تحريڪِ ختمِ نبوت:** پاڻ عقيده ختمِ نبوت جي حفاظت ۽ قاديانيت جي رد ۾ به تمام گهڻي محنت ڪئي. سنڌ ۾ قاديانين جي خلاف سڀ کان پهريان قلم کڻڻ وارا به پاڻ ئي هئا، قاديانين جي رد ۾ سندن لکيل ڪتابَ "اَلصَّارِمُ الرَّبّانی عَلٰی کرشن قادیانی" کي تمام گهڻي شهرت ملي.

**وصال** مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت محمد صاحبداد جمالي رحمۃ اللہ علیہ جو وصال پُرمَلال پهرين جمادي الاولٰي 1385ھ بمطابق 29 اگسٽ 1965ء ۾ ٿيو، نمازِ جنازه عيدگاه سلطان ڪوٽ ضلع شڪارپور سنڌ ۾ ٿي، جنهن ۾ ڪثير شاگردن، محبين ۽ معتقدين شرڪت ڪئي. سلطان ڪوٽ ۾ ئي سندن جي مزار مبارڪ آهي. الله پاڪ انهن جي قبر تي رحمتون نازل فرمائي ۽ اسان کي انهن جو فيضان عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



فريادِ

# مٽي مائٽي ٽٽڻ جا چند سبب؟

# جوڙيو، ٽوڙيو نه!

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شورٰي جو
نگران مولانا محمد عمران عطّاري

اي عاشقانِ رسول! جن سان جوڙي رکڻ اسان جي ذميدارين ۾ شامل آهي انهن ۾ رشتيدار به آهن لهٰذا انهن سان بهتر تعلقات قائم رکڻ جي لاءِ ميل جول، ڳالھ ٻولھ ۽ ڏيڻ وٺڻ وغيره معاملات ۾ چڱو برتاءُ ڪرڻ نهايت ضروري آهي پر بدقسمتي سان اڄ ماڻهو گهٽ علمي، غلط فهمي، تربيت نه هجڻ يا وري پنهنجي اَنا (Ego) جي وهڪري ۾ وهي ننڍي ننڍي ڳالھ تان رشتيداري ٽوڙي هڪبئي کان منهن موڙي ويهي رهندا آهن، ننڍي ننڍي ڳالھ تي انهن جو اسڪرو ڍرو ٿي ويندو آهي، پلڪ نڪري ويندي ۽ ڳاڏي شارٽ ٿي ويندي آهي، رشتو ڍِلي مڱڻيءَ يا شادي کان بعد ٽُٽي يا پوءِ ياءُ پيڻ ۽ ٻين رشتيدارن جا پاڻ ۾ تعلقات ٽُٽن، معاشري ۾ پريڪٽس هي آهي ته جڏهن ڪنهن ڳالھ تي رنبو آهي ته پوءِ غيبتن، تهمتن ۽ بدگمانين وغيره گناهن جو هڪ ڊگهو سلسلو هلي پوندو آهي، ان رشتي جي ٽُٽڻ جي متعلق رشتيدارن جي پاڻ ۾ گفتگو جو وڏو حصو واضح حرام ۽ ناجائز ڳالهين تي مُشتمل هوندو آهي ۽ عام طور تي ٻنهي طرف کان هڪبئي کي اذيت ۽ تڪليف ڏيڻ واريون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، حالات ۽ واقعات کي سامهون رکي ڪري جڏهن مون في زمانه رشتن جي ٽُٽڻ جي موجوده اسباب تي غور ڪيو ته منهنجي سامهون ڪجھ اهڙا سبب آيا جن جي بنياد تي رشتو ٽوڙڻ بلڪل غلط آهي.

## جهيڙن ۽ رشتن ٽُٽڻ جا ڪجھ سبب

”اسان فلاڻي وٽ دعوت ۾ ويا هئاسين ته اسان سان صحيح طريقي سان گفتگو نه ڪيائين، ٻين کان ته پاڻي ۽ ڪاڏي وغيره جو پڇي رهيو هو پر جتي اسان ويٺا هئاسين اتي هڪ پيرو به نه آيو ۽ ان اسان کي ڪا عزت ئي نه ڏني“ حالانڪ ان ڳالھ کي هر انسان چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو ته دعوت جي دوران ميزبان جو ذهن عام طور تي ٽينشن جو

شڪار هوندو آهي، ان کي هڪ مخصوص وقت ۾ ڪيئي ڪمَ ڪرڻ ۽ ڪيئي ماڻهن کي منهن ڏيڻو هوندو آهي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ان جي ذهن تي اهو قرض سوار هوندو آهي ته جنهن ڪان وٺي ڪري ان خاندان وارن ۽ ٻين واسطي وارن جو پيٽ ڀرڻ جي لاءِ دعوت جو انتظام ڪيو هوندو آهي اهڙيءَ حالت ۾ اهو پاڻ همدردي جو محتاج هوندو آهي ۽ اسان هوندا آهيون جو شڪايتون ڪٽي ڪري ويهي رهندا آهيون ۞ "اسان فلاڻي کي پنهنجي دعوت تي گهرايو هو پر اهو آيو نه تنهنڪري هاڻي اسان به ان وٽ نه ويندا سين" حالانڪ ان جي نه اچڻ جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا، ان کي ڪا ايمرجنسي ٿي سگهي ٿي، مالي لحاظ سان ان وقت اهو پروبلم جو شڪار ٿي سگهي ٿو، انهيءَ جهڙو ڪو ٻيو مسئلو ٿي سگهي ٿو جو جنهن جي سبب اهو نه آيو هجي، اهو نه آيو ان جي شڪايت اسان ڏهن ماڻهن کي ڪئي پر چونه آيو ڇا ڪڏهن اسان ان ڪان پڇا ڪئي؟ ۞ اهو هن جي گهر ويندو آهي منهنجي گهر ناهي ايندو ۞ اهو ان کي ته پاڻ وٽ هر دعوت تي گهرائيندو آهي مون کي ناهي گهرائيندو، ته منهنجا ڀاءَ ان کي حق حاصل آهي ته جنهن جي گهر وڃي ۽ جنهن جي گهر نه وڃي، ان جي گهر اهو ڪنهن ڪم سان ويندو آهي ۽ اوهان سان ان کي ڪو ڪم ناهي لهٰذا اهو اوهان جي گهر ناهي ايندو، ايئن ئي جنهن کي دعوت ۾ گهرائي ۽ جنهن کي نه گهرائي ان کي هن ڳالهه جو حق حاصل آهي، ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ جي طبيعت جي باري ۾ خبر هوندي آهي ته فلاڻو جيڪڏهن ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي به آيو ته ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيندو ۽ چڱي ڀلي ماحول کي بگاڙي ڇڏيندو، ان جي مزاج ۾ ئي جهيڙو جهڳڙو، طنز ۽ طعنا، اعتراضات ۽ دل ڏکائڻ هوندو آهي، چئن ماڻهن ۾ ويهڻ جي لائق ئي ناهي هوندو، اوهان پاڻ ٻڌايو ته اهڙن کي پنهنجي خوشيءَ ۾ ڪير شريڪ ڪندو؟ پڻ ڪڏهن ڪڏهن مالي لحاظ سان اهڙي پوزيشن ناهي هوندي جو سيني کي دعوت ڏي ان ڪري ڪجهه ماڻهن کي ئي دعوت ڏيندو آهي، اهڙيءَ صورت حال ۾ ناراض ٿي وڃڻ ٺيڪ ناهي بلڪ پنهنجي دل وڏي رکو ۽ خوشيءَ جي موقعي تي ڪئي ويندڙ دعوت جي خبر پوڻ تي ان کي ڪال ڪري مبارڪ باد ڏيو ته ماشآء الله اوهان وٽ هي ٿيو آهي لهٰذا لکَ لکَ مبارڪون هجن، الله پاڪ بُري نظر کان بچائي. ايتري گفتگو ڪري ڇڏيو کهڙو حرج آهي ۞ ڏسو يار! "فلاڻو حج/عمري تي ويو هو ته اسان کي نه ٻڌايائين، موٽي آيو تڏهن به نه ٻڌايائين اسان کي ته فلاڻي وٽان خبر پئي" ته ڇا ان تي شرعاً واجب هو ته اوهان کي ٻڌائي ڪري پوءِ

حج يا عمري تي وڃي ها ۽ موٽي اچڻ کان بعد به اوهان کي ٻڌائي ها؟ ۞ اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو حج جي مبارڪ سفر تان واپس ايندو آهي ته پهريان ته مبارڪباد جو سلسلو هوندو آهي، ان کان بعد پوءِ پڇاڳاڇا ٿيندي آهي ته ڇا ڇا آندي؟ ڀينرون الڳ پڇنديون آهن، ڀائرَ الڳ پڇندا آهن، گهر واري الڳ پڇندي آهي، اولاد الڳ پڇندو آهي، ڀيڻ ۽ ڌيءَ جا ساهُرا به چوندا آهن ته اسان جي لاءِ ڇا آندي؟ نياٽو صاحب پنهنجو حصو وٺڻ جي لاءِ الڳ بي تاب هوندو آهي ته جناب منهنجي لاءِ ڇا آندو آهي؟ نُنهن چوندي آهي ته فلاڻي کي فلاڻي شيءِ ڏني آهي اسان کي ناهي ڏني، فلاڻي جي ٻارن جي لاءِ فلاڻيون فلاڻيون شيون آنديون ۽ منهنجي ٻارن جي لاءِ نه آندائين، ننهن چوندي آهي پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ وٺي آيو آهي منهنجي لاءِ نه آندائين، هن ۾ ٻارن جي لاءِ جهيڙا الڳ ٿيندا، ڏوهٽن جي لاءِ ته آندائين ۽ پوٽن جي لاءِ نه آندائين، يا پوءِ هيئن چيو ويندو آهي ته پوٽن جي لاءِ ته آندائين ۽ ڏوهٽن جي لاءِ نه آندائين، فرض ڪيو جيڪڏهن اوهان جي لاءِ ڪجهه به نه آندائين يا اوهان کي ڪجهه به نه ڏنائين ته ٻڌايو ته ڇا اوهان جو ڪو شرعي حق بڻجو ٿي جو اوهان کي ملي ها پر نه مليو؟ ڪنهن کي جيڪڏهن ان گهٽ يا وڌيڪ ڏنو ۽ ڪنهن کي ڪجهه به نه ڏنو ته ان ڳالهه جو ان کي اختيار آهي پڻ هي تحفن وغيره جو سلسلو اهي اخلاق، محبت ۽ پيار جي دائري ۾ ڪري رهيا هوندا آهن، انهن تي فرض يا واجب ناهي هوندو جو اهي اچي ڪري سيني ۾ ورهائن، جڏهن انهن تي شرعاً واجب ناهي ته اوهان انهن جي خلاف ڳالهيون نه ڪيو ۽ انهن سان جهيڙو نه ڪيو، جيڪڏهن انهن آبِ زم زم جي ننڍي بوتل ۽ ڪجهه کُجورون ڏئي ڇڏيون ته ڪافي آهي، تبرڪ تبرڪ هوندو آهي گهٽ هجي يا وڌيڪ، ڇا آبِ زم زم تبرڪ تڏهن ئي هوندو آهي جڏهن اوهان کي ان جي وڏي ڊَمي ڏني وڃي؟ ايتريءَ ڳالهه تي سامهون وارن کي ڪنجوس چئي ڇڏڻ ۽ ٻين ڪيئي برن نالن سان انهن کي ياد ڪرڻ ۽ رشتيداري ٽوڙي ڪري ويهي رهڻ يقيناً عقلمندي وارو ڪم ناهي.

منهنجو تمام عاشقانِ رسول کي فرياد آهي! پنهنجي اندر همت، حوصلو ۽ خودداري پيدا ڪيو! ننڍي ڳالهه تي ناراض ٿي ڪري ويهي رهڻ وارا پنهنجي مزاج کي تبديل ڪري عفوو درگذر ۽ معافي جي سُونَ سان پاڻ کي سينگارين، رشتن کي ٽوڙڻ جي بدران جوڙڻ وارا ڪم ڪيو، الله پاڪ اسان سيني تي رحمت جي نظر فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# موضوع
# بامقصد تربيت

مؤلف: مولانا آصف جهانزيب عطّاري مدني

قدرت جي طرفان اولاد والدين جي لاءِ هڪ بهترين تحفو آهي. هن تحفي جو قدر ڪرڻ، هن جي حفاظت ڪرڻ ۽ هن جي چڱي تربيت ڪرڻ والدين جي اهم ذميداري آهي. پر اسان جي معاشري ۾ اڪثر والدين کي هي خبر ئي ناهي هوندي تہ تربيت ڇا هوندي آهي ۽ ڪيئن ڪئي ويندي آهي؟ عام طور تي والدين جي خواهش هوندي آهي تہ سندن ٻار ڊاڪٽر بڻجي وڃي، انجينئر ٿي وڃي، سرڪاري آفيسر بڻجي وڃي يا ٻار کي سُٺي نوڪري ملي وڃي وغيره. پر افسوس هن ڳالھ جو آهي تہ اڄ ڪلھ جا والدين ٻارن کي سُٺو مسلمان بڻائڻ ۽ انهن جي آخرت بهتر بڻائڻ جي ڪا ڪوشش ناهن ڪندا. جنهن جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ ٻار مثال طور ڊاڪٽر تہ بڻجي ويندو آهي پر ان جي اندر مان انسانيت ختم ٿي ويندي آهي، ان جو مقصد صرف پيسا ڪمائڻ هوندو آهي.

هاڻي ان وٽ ڪيڏو بہ مجبور ۽ محتاج مريض اچي وڃي ۽ اهو نهايت سيريس حالت ۾ هجي، تڏهن بہ ڊاڪٽر کي ان تي ترس نہ ايندو، ۽ ان وقت تائين هي ڊاڪٽر مريض کي هٿ نہ لائيندو جيستائين ان کي پنهنجي فيس نہ ملي وڃي. جيڪڏهن اهو سُٺو مسلمان هجي ها ۽ خوفِ خدا رکڻ وارو هجي ها تہ اهو پهريان ان انسان کي بچائڻ جو فڪر ڪري ها. هن طرح جا ڪوڙ مثال اسان جي معاشري ۾ عام ڏٺا ويندا آهن ۽ هن جو بنيادي سبب هي آهي تہ والدين پنهنجي ٻارن کي سُٺو ۽ پڪو مسلمان ناهي بڻايو.



۞ مسلمان هئڻ جي حيثيت سان، والدين جي ذميداري آهي تہ پنهنجي اولاد جي چڱي تربيت ڪن. تربيت جي بنيادي مقصدن مان هي ڪجھ ضروري ڪم لازمي پيش نظر هجن مثال طور:

توهان جو ٻار پڪو مسلمان هجي، الله پاڪ کان ڊڄڻ وارو ۽ آخرت جو فڪر ڪرڻ وارو هجي، اهو دنيا جو ڪيڏو بہ وڏو ماڻهو بڻجي وڃي پر دنيا جي چمڪ دمڪ ان جو ايمان ڪمزور نہ ڪري سگهي.

۞ ان جا عقائد ۽ نظريات مضبوط هجن تہ جيئن دنيا جون گمراهيون ان جي نظريات کي تبديل نہ ڪري سگهن.

۞ اهو بااخلاق ۽ باڪردار هجي، تہ جيئن ان جي ڪردار سان بہ اسلام جي تبليغ ٿئي، ائين نہ ٿئي جو ان جو خراب ڪردار اسلام جي بدنامي جو باعث بڻجي.

۞ ٻار محنتي بڻجي، سست ڪاهل ۽ غافل نہ رهي.

۞ ٻار متاثر ڪندڙ شخصيت (Attractive Personality) جو مالڪ هجي، اسان جو ٻار ٻين ٻارن جون بُريون عادتون Accept ڪرڻ جي بدران انهن تي سُٺو امپريشن وجهي.

ان کان علاوه ٻيون بہ ڪوڙ خصوصيات تي سگهن ٿيون جيڪي اسان پنهنجي ٻارن جي تربيت ۾ شامل ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اولاد جي پرورش جي وقت والدين جي پيشِ نظر ذڪر ڪيل مقاصد هجن تہ يقيناً اهو پڪو مسلمان ضرور بڻجندو. ان جو ڪردار عمده ۽ نظريات مضبوط ٿيندا. ان جو ڪردار ايترو مضبوط ٿيندو جو زماني جون خرابيون ان کي پنهنجي مقصد کان هٽائي نہ سگهنديون. اهو جتي بہ رهندو پنهنجي مقصد جي حصول (يعني آخرت جي ڪاميابي) جي ڪوشش ڪندو رهندو. اهڙو ٻار معاشري ۾ ڪامياب ۽ ملڪ ۽ ملت جي لاءِ فائدي مند ثابت ٿيندو.

محترم والدين! توهان پنهنجي اولاد کي دنياداري سيڪاريو پر ان کي خوفِ خدا ۽ آخرت جو فڪر اپنائڻ جو ذهن ڏئي ڪري پڪو مسلمان بڻايو، پوءِ ڀلي ان کي ڪهڙي ئي دنياوي ترقي ملي وڃي ان جا عقائد ۽ نظريات بہ سلامت رهندا ۽ اهو پنهنجي منصب جي ذريعي دنيا ڪمائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ جي ڪوشش بہ ڪندو رهندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم!

# ننڊ

ڪاشف شهزاد عطاري مدني

## "ننڊ" هڪ عظيم نعمت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحت مند زندگي گذارڻ جي لاءِ چڱي خوراڪ سان گڏوگڏ مناسب مقدار ۾ "ننڊ" بہ ضروري آهي. "ننڊ" الله پاڪ جي هڪ تمام وڏي نعمت آهي جو هن جي بدولت انسان تازو توانو ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن انسان جي "ننڊ" پوري نہ ٿي تہ ڪم ڪار هجي يا تعليم هر ڪم متاثر ٿي ويندو آهي. بدن کي آرام ۽ سڪون پهچائڻ جو هڪ بهترين طريقو "ننڊ" آهي، جيئن تہ فرمانِ باري تعالىٰ آهي

وَّ جَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۙ(۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان جي ننڊ کي آرام جو ذريعو بڻايو (پ 30، النبا: 9) توهان جي جسمن جي لاءِ تہ جيئن ان سان بوريت ۽ ٿڪاوٽ دور ٿي ۽ راحت حاصل ٿي. (خزائن العرفان) "ننڊ" وڏن وڏن پهلوانن کي بہ شڪست ڏئي ڇڏيندي آهي، "ننڊ" وڏي مان وڏي عالم کان بہ علم وسارائي ڇڏيندي آهي "ننڊ" سان انسان جي بي وسي ظاهر ٿيندي آهي. (نور العرفان)

## ڪنهن کي ڪيترو سمهڻ گهرجي

عمر جي مختلف دورن جي اعتبار سان انسان کي "ننڊ" جي مختلف مقدار درڪار هوندي آهي. طبي تحقيق مطابق ننڍن ٻارن جي لاءِ 12 کان 15 ڪلاڪ، 14 کان 40 سال وارن جي لاءِ 7 کان 8 ڪلاڪ جڏهن تہ 40 سال کان وڌيڪ عمر وارن جي لاءِ 6 ڪلاڪن جي "ننڊ" ضروري آهي

## "ننڊ" پوري نہ ٿيڻ جا نقصان

**"ننڊ"** پوري نہ ٿيڻ جا ڪيئي جسماني، روحاني ۽ مُعاشرتي نقصان آهن. مُسلسل **"ننڊ"** پوري نہ ٿيڻ تي ملازم جيڪڏهن ڊيوٽي جي اوقات ۾ سمهندو رهندو تہ ان سان نہ صرف اُن جو ڪم متاثر ٿيندو بلڪ انجام طور نوڪري مان بہ فارغ ڪيو ويندو آهي. ڊرائيور يا پائليٽ

جي "ننڊ" پوري نہ هجي تہ ان سان نہ صرف پنهنجي بلڪ مسافرن جي جان بہ خطري ۾ پئجي سگهي ٿي. ڪيئي حادثن کان بعد جڏهن تحقيقات ٿي تہ حادثي جو بنيادي سبب ڊرائيور جو ڊرائيونگ جي دوران ننڊ جو جهوٽو پاتو ويو. طالب علم جي "ننڊ" پوري نہ ٿي تہ ڪلاس ۾ اُستاد صاحب جي بيان ڪيل ڳالهين کي سمجهڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ان جي لاءِ مشڪل ٿيندو. مطلب تہ جيڪو جنهن بہ شعبي سان تعلق رکندو هجي "ننڊ" جي فطري تقاضا پوري نہ ٿيڻ ان جي لاءِ جسماني ۽ روحاني اعتبار سان نقصانڪار آهي. مُسلسل "ننڊ" جي ڪمي انسان جي مزاج ۾ بيزاري ۽ چيڙائپ پيدا ڪندي آهي، اهو معمولي ڳالهين تي بہ ڪاوڙ ۾ اچي ويندو ۽ سامهون واري کان ڳُتا لفظ ڳالهائيندو آهي ۽ پوءِ ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هر ڪوئي ان کان پري رهندو آهي. بلڊپريشر ۽ ڊپريشن جي مريضن جي جيڪڏهن "ننڊ" پوري نہ ٿي تہ ان جي بيماري ۾ سختي اچي ويندي آهي جڏهن تہ "ننڊ" پوري ٿيڻ سان مرض ۾ افاقو ٿيندو آهي. دماغ جا تاندورا جيڪڏهن لاڳيتو ڪم ڪندا رهن ۽ انهن کي آرام جو وقت نہ ملي تہ انهن مان (Free Radicals)خارج ٿي ويندا آهن جيڪي جسم جي تندرست خلين تي حملو ڪري انهن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انسان مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي جن ۾ چريائپ نمايان بيماري آهي.

## گهٽ سمهڻ جا نقصان

جهڙي طرح "ننڊ" جي گهٽتائي جا نقصان آهن ايئن ئي وڌيڪ "ننڊ" ڪرڻ بہ نقصان کان خالي ناهي. حضرت سيّدنا جابر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ پڇا ڪئي: ڇا جنتين کي "ننڊ" ايندي؟ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: "ننڊ" موت جي ڀيڻ آهي ۽ جنتين کي موت نہ ايندو.

(مشكوٰة المصابيح، 336/2، حديث: 5654)

(**"ننڊ" موت جي ڀيڻ آهي**) ڇوتہ ان ۾ عمل جو سلسلو منقطع ٿي ويندو آهي. (۽ **اهل جنت کي موت نہ ايندو**) انهي ڪري اهي سمهندا بہ نہ. هن حديث پاڪ ۾ "ننڊ" جي گهٽائي جي مذمت جي طرف اشارو آهي ڇوتہ نہ صرف ان جا اُخروي بلڪ دنياوي نقصان بہ گهڻا آهن. "ننڊ"جي ڪثرت سان غفلت پيدا ٿيندي آهي، بلغم جي ڪثرت ٿيندي آهي، معدو ڪمزور ۽ وات بدبودار ٿيندو آهي. وڌيڪ "ننڊ" نظر ۽ جسم کي ڪمزور ڪندي آهي. هي تمام نقصان عصر ۽ صبح جي وقت جي"ننڊ" کان علاوه جا آهن جڏهن تہ انهن ٻنهي اوقات ۾ سمهڻ جو نقصان وڌيڪ ٿيندو آهي. طبّي اعتبار سان ڏينهن ۾ سمهڻ رات ۾ سمهڻ کان وڌيڪ نقصانڪار آهي.

(فيض القدير،390/6، تحت الحديث: 9325، ملخصاً)

## "ننڊ" نہ اچڻ جا سبب

جن کي ننڊ نہ ايندي هجي انهن کي

هيٺين ڳالهين تي غور ڪري انهن جو ازالو ڪرڻ گهرجي: سمهڻ واري جاءِ جو پرسڪون نہ هجڻ، اُتي هل هنگامي جا آواز اچڻ، بستر يا وهاڻو پرسڪون نہ هجڻ، سمهڻ جو وقت متاثر ٿيڻ مثلاً ڏهہ وڳي سمهڻ واري جو ٻارنهن وڳي سمهڻ، تمام گهٽ يا تمام گهڻو کائڻ، سگريٽ نوشي، چانهہ، ڪافي چاڪليٽ يا نرم ڊرنڪس جو وڌيڪ استعمال ڪرڻ، رات دير تائين ٽي وي، ڪمپيوٽر يا موبائل تي مصروف رهڻ. **طبّي تحقيق** جي مطابق ٽي وي، موبائل ۽ ڪمپيوٽر مان نڪرڻ واري روشنائي براهہ راست"**ننڊ**" جي خلين کي متاثر ڪندي آهي اهوئي سبب آهي جو عام طور ٽي وي ڏسندي يا موبائل ڪيڏندي "**ننڊ**" ڪافي دير کان پوءِ ايندي آهي. ڊاڪٽرن جي راءِ مطابق ٻارن جي بيڊروم ۾ ميڊيا جي متعلق ڪابہ شيءِ مثلاً ٽي وي، ڪمپيوٽر، ويڊيو گيم، ڊي وي ڊي پليئر، موبائل فون وغيره نہ هجڻ گهرجي.

## ننڊ جي گورين جا نقصان

هڪ تحقيق مطابق گذريل چند سالن ۾ وطن عزيز پاڪستان ۾ ننڊ جي گورين جي استعال ۾ سو فيصد (100%) اضافو ٿيو آهي ۽ هڪ سو ٽيهہ کان وڌيڪ ڪمپنيون اهڙيون دوائون ٺاهڻ ۾ مصروف آهن. تقريباً سٺ لک کان وڌيڪ پاڪستاني دوائن جو استعمال ڪن ٿا جن ۾ اسي فيصد(80%) جي عمر ٽيهہ سالن کان پنجاهہ سال وارن جي آهي جڏهن تہ ان عمر جي افراد ۾ بہ سٺ فيصد(60%) کان وڌيڪ عورتون هنن دوائن جو استعمال ڪن ٿيون. هنن دوائن سان جيتوڻيڪ ننڊ تہ اچي وڃي ٿي پر قدرتي "**ننڊ**" جا جيڪي فائدا آهن اهي حاصل نہ آهن ٿيندا. ننڊ جي گورين جي لڳاتار استعمال سان هڪ وقت اهڙو بہ ايندو آهي جو دوا اثر نہ آهي ڪندي، هاڻي دوا جي مقدار ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مقدار ايتري تہ وڌيڪ ٿي ويندي آهي جو ان جي استعمال سان ڪوما(مسلسل بيهوشي) ۾ وڃڻ جو خطرو بہ وڌي ويندو آهي. ننڊ جي گورين جو استعمال صرف ڊاڪٽر جي مشوري سان ۽ تجويز ڪيل مقدار ۾ ئي استعمال ڪرڻ گهرجي.

## ننڊ جو بهترين فائدو

بدقسمتي سان اڄڪلهہ اسان جي معاشري ۾ رات دير تائين جاڳڻ ۽ پوءِ منجهند تائين سمجهڻ جو معمول عام ٿيندو پيو وڃي جيڪو نہ صرف شرعي لحاظ کان ناپسند آهي بلڪ طبّي لحاظ کان بہ نقصان ڪار آهي. جيڪڏهن اوهان صحت مند زندگي گذارڻ جا خواهشمند آهيو تہ رات جو ديني ڪمن کان واندا ٿي جلدي سمهي رهو ڇوتہ رات جو آرام ڏينهن جي آرام جي مقابلي ۾ وڌيڪ صحت بخش آهي ۽ عين فطرت جي تقاضا بہ، جيئن تہ فرمانِ الٰهي آهي:

وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا
فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ اُن پنهنجي رحمت سان توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايا ته جيئن اوهان رات ۾ آرام ڪيو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل تلاش ڪيو ۽ ان ڪري جو توهان حق تسليم ڪيو.

(پ 20، القصص: 73)

هن مان معلوم ٿيو ته ڪمائي جي لاءِ ڏينهن ۽ آرام جي لاءِ رات مقرر ڪرڻ بهتر آهي. رات جو هرويرو نه جاڳي، ڏينهن ۾ بيڪار نه رهي جيڪڏهن معذوري(يعني مجبوري) جي ڪري ڏينهن ۾ سُمهي ۽ رات جو ڪمائي ته حرج ناهي جيئن رات جي نوڪرين وارا ملازم وغيره.

(انمول هيرے، ص 20)

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے

شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائق بخشش، ص 111)

## ننڊ نه اچڻ جا 5 علاج

(1) ”ننڊ نه ايندي هجي ته سمهڻ کان اڳ ۾

إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(پ 22، الاحزاب: 56)

پڙهي ڪري درود شريف پڙهي ونو اِنْ شَآءَالله ننڊ اچي ويندي.

(2) ننڊ نه ايندي هجي ته سيپاري 30 سُورة النَّبَا جي آيت نمبر 9: وَّ جَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ﴿۹﴾ بار بار پڙهي ان شاءالله جلدي ننڊ ايندي.

(3)”ننڊ“ نه ايندي هجي ته ڪجهو بصر چٻاڙي کائي يا اُبريل بصر گرم ڪير ۾ وجهي ڪري استعمال ڪري اِنْ شَآءَ الله ”ننڊ“ اچي ويندي.

(گهريلو علاج، ص 28)

(4) جنهن کي سور وغيره جي ڪري ننڊ نه ايندي هجي ته اُن وٽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ڪثرت سان پڙهڻ سان اِنْ شَآءَالله ”ننڊ“ اچي ويندي پڻ الله ربُّ العزت جي رحمت سان مريض صحتياب به ٿي ويندو. (مريض تائين پڙهڻ جو آواز نه پهچي ان جو احتياط ڪيو)

(5) جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 11 پيرا پڙهي ڪري پاڻ تي دم ڪيو اِنْ شَآءَالله ننڊ اچي ويندي.

(بيمار عابد، ص 26)

## کهڙن وقتن ۾ نه سمهڻ گهرجي

عصر کان بعد نه سمهو ڇوته عقل ضايع ٿيڻ جو خوف آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو شخص عصر کان بعد سُتو ۽ اُن جو عقل ويندو رهيو ته اهو پاڻ کي ئي ملامت ڪري. (مسندِ ابى يعلىٰ، 278/4، حديث: 4897) ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي.

(بهارِ شريعت، 436/3)

مدني مشورو: سمهڻ ۽ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ 101 مدني گل صفحو 29 ملاحظه فرمايو.

میں سو جاؤں یا مصطفٰے کہتے کہتے

کھلے آنکھ صلِّ علیٰ کہتے کہتے

# معاشري جا ناسور
# نيو ائير نائٽ
# (New Year Night)

محمد آصف عطاري مدني

هجري سال جو آغاز محرالحرام جي پهرين تاريخ کان ٿيندو آهي جڏهن ته عيسوي سال جي ابتدا پهرين جنوري کان ٿيندي آهي. اسلامي تاريخ غُروبِ آفتاب (يعني سج لٿي) تبديل ٿي ويندي آهي ۽ عيسوي تاريخ نصف شب يعني رات 12 وڳي. سڄي دنيا ۾ هڪ غلط روايت مشهور ٿي چڪي آهي اها هي آهي ته 31 ڊسمبر جي رات ”نيو ائير نائٽ (New Year Night) ملهائڻ جي نالي تي بدتميزي جو طوفان رچايو ويندو آهي، خاص ڪري نوجوان ته ڪجھ وڌيڪ ئي شور شرابو ڪندا آهن، رقص ۽ سُرور جون هوش اڏائيندڙ محفلون وڏي اهتمام سان سجايون ويندون آهن، جتي معاذالله شراب ۽ مختلف قسمن جي نشن ۽ جُوَا جو انتظام هوندو آهي، رات جو 12 وڄندي ئي ڪروڙين روپيہ آتش بازي تي لڳايا ويندا آهن، هوائي فائرنگ ڪئي ويندي آهي، اوباش نوجوان موٽر سائيڪلن مان سائلنسر ڪڍي ڪري، ڪارين ۾ لڳل ڊيڪ تي ڪن ڦاڙيندڙ آواز ۾ گانا هلائي ڪري ٽولن جي صورت ۾ رستن تي شور مچائيندا ۽ ماڻهن جو سڪون برباد ڪندا آهن، ڪيترائي نوجوان ون ويلنگ (One Wheeling) ڪندي موت جي وَر چڙهي ويندا آهن. افسوس! هن اُمّت جا ڪروڙين روپيا صرف هڪ رات ۾ ضايع ٿي ويندا آهن، خوشيون ملهائڻ جي نالي تي الله تعالیٰ جون نافرمانيون ڪري پنهنجي ڪلهن تي گناهن جو بار وڌيڪ وزني ڪيو ويندو آهي. ان رات ۾ ڪيترائي ماڻهو زهريلي شراب، هوائي فائرنگ، ايڪسيڊنٽ ۽ باھ ۾ سڙي ڪري هلاڪ ٿي ويندا آهن. هلاڪتون ۽ نقصان هر سال پهرين (First) جنوري جو شايع ٿيندڙ خبرن ۾ نيو ائير نائٽ ۾ ٿيندڙ نقصان جون جهلڪيون بہ شامل هونديون آهن، بطور نموني ڪجھ خبرون ملاحظہ ڪندا: 2013ع جي آمد تي جيئن ئي گهڙين جون سوئيون 12 بجي تي پهتيون تہ ڪراچي شهر جديد ترين هٿيارن جي فائرنگ سان وڄي اٿيو

جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص هلاڪ ۽ ڪيرپياڪ ٻارڙي سميت متعدد ماڻهو زخمي ٿي پيا. (جنگ آن لائن). پيراگويہ ۾ 2004 جي دوران آتش بازي جي سبب 400 ماڻهو هلاڪ ۽ سوين زخمي ٿي پيا. پهرين جنوري 2005 ۾ ارجنٽائن جي دارالحڪومت بيونس آئرس جي هڪ نائٽ ڪلب ۾ نئين سال جي خوشي ۾ موسيقي جي پروگرام جي دوران آتش بازي جي نتيجي ۾ باھ لڳڻ سبب گهٽ مان گهٽ 300 ماڻهو سڙي مري ويا ۽ 500 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا. (جنگ آن لائن يڪم جنوري 2017)

**نئون سال ڪيئن ملهائجي؟** هاڻي رهيو هي سوال تہ نئون سال ڪيئن ملهائجي تہ ان جو انداز هيئن بہ اختيار ڪري سگهجي ٿو تہ. هر اسلامي ۽ عيسوي سال جي آمد تي هڪٻئي کي ڀلائي جي دعا ڏيو تہ اچڻ وارو سال اوهان جي لاءِ بابرڪت ٿئي. پنهنجو جائزو وٺو تہ نيڪين ۾ اضافو ٿيو يا گناهن ۾؟ اسان ڪهڙين ڪهڙين برين عادتن کي ترڪ ڪرڻ ۾ ناڪام رهياسين ۽ ڪهڙين نيڪين جي عادت نہ بڻائي سگهياسين؟ ڇا ڪنهن کي نيڪين جي رستي تي هلڻ جي ترغيب بہ ڏني؟ هن موقعي تي ايئن بہ فڪرِ آخرت ڪري سگهجي ٿي يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو تہ اسان جي زندگي جو وڌيڪ هڪ سال گهٽ ٿي ويو، اسان چڱي يا بُري انجام جي طرف وڌي رهيا آهيون. هن موقعي تي سچي توبہ ڪري آينده سال جي حوالي سان چڱيون چڱيون نيتون ڪيون وڃن تہ مان الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي نافرماني وارن ڪمن کان بچندس ۽ انهن کي راضي ڪرڻ وارا ڪم ڪندس. اِنْ شَآءَ الله

# جُمادي الاولٰي جا

# ڪجهه اهم واقعات

2 جمادي الاولٰي 1286ھ يومِ وصال جدِ اعلٰي حضرت، علّامہ مولانا رضا علي خان رَحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ھ پڙهندا.

7 جمادي الاولٰي 1334ھ يومِ عرس حضرت شاهہ رڪنِ عالَم ابو الفتح رڪنُ الدّين سهروردي رَحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ھ پڙهندا.

8 جمادي الاولٰي 1324ھ يومِ وصال حضرت علّامہ مولانا وصي احمد محدث سورتي رَحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ء 1439ھ پڙهندا.

17 جمادي الاولٰي 73ھ يومِ شهادت حضرت سيّدنا عبدُ الله بن زبير رضی اللہ عنہما وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ھ پڙهندا.

17 جمادي الاولٰي 1362ھ يومِ وصال شهزادهءِ اعلٰي حضرت، حجةُ الاسلام مفتي حامد رضا خان رَحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ء 1440ھ پڙهندا.

22 جمادي الاولٰي 578ھ يومِ وصال امامُ الاولياء حضرت سيّد احمد ڪبير رفاعي شافعي رَحمۃُ اللہِ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ھ پڙهندا.

27 جمادي الاولٰي 73ھ يومِ وصال حضرت سيّدتُنا اسماء بنتِ ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہا وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1438ھ ۽ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "جنّتي زيور، صفحو 525" پڙهندا..

جمادي الاولٰي 4ھ وصال مبارڪ مصطفٰي ڪريم جا ڏوهٽا حضرت عبدُ الله بن عثمانِ غني رضی اللہ عنہ پاڻ بنتِ رسول حضرت رقيہ رضی اللہ عنہا جا شهزاده هئا وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي 1442ھ پڙهندا.

27 يا 28 **جمادي الاولٰي** 13ھ **شهداءِ جنگِ اَجّنادين حضرت هشام بن عاص ۽ حضرت خالد بن سعيد** رضی اللہ عنہما **سميت** **ڪيئي مسلمان ان تاريخ تي شهيد ٿيا ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي. انهن ٻنهي صحابہ جي باري ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي** 1442ھ **۽ ڊسمبر** 2021 **پڙهندا.**

**جمادي الاولٰي** 8 ھ **شهداءِ جنگِ موتہ حضرات جعفر طيار، زيد بن حارثہ ۽ عبدُ الله بن رواحہ** رضی اللہ عنہم **سميت** 13 **صحابين شهادت ماڻي ۽ مسلمانن کي عظيم فتح نصيب ٿي. انهن ٽنهي صحابہ جي باري ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ جمادي الاولٰي** 1439 **کان** 1442ھ **پڙهندا.**

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتِمِ النَّبِیّٖن الْاَمِیۡن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

**”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ** www.dawateislami.net **۽ موبائل ايپليڪيشن تي موجود آهن.**

# وظائف

## نظرِ بد کان حفاظت



سيپارو 29 سورة قلم جي آيت 51 نظرِ بد (بري نظر) کان بچڻ جي لاءِ اکسير (فائدي بخش) آهي.

(مدنی پنج سوره،ص 219بحوالہ نور العرفان، ص971)

## ڊينگي وائرس کان شفا ملندي



سورةُ الرَّحمٰن (سيپارو 27) ۽ سورةُ التَّغابُن (سيپارو 28) هک هک پيرو صبح ۽ شام پڙهي ڪري ڊينگي وائرس جي مريض تي دَم ڪيو ۽ پاڻي تي دَم ڪري پياريو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! شفا ملندي.

## تنگدستي کان بچڻ جي لاءِ



پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو مون تي روزانو 500 پيرا درود شريف پڙهي وٺندو اهو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو.

( مستطرف، 2 /508)

## اغوا ٿيڻ کان حفاظت جا 2 وظيفا



(1) ''يَاحَافِظُ يَاحَفِيْظُ'' 11 پيرا روزانو پڙهي ڪري ٻارن تي دم ڪندا ڪيو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اغوا ٿيڻ کان حفاظت رهندي.

(2) وڏا جڏهن وضو ڪن تہ هر عضوو ڌوئيندي گهٽ ۾ گهٽ هک پيرو ''يَاقَادِرُ'' پڙهندا ڪن اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اغوا ٿيڻ کان حفاظت رهندي.

(مدنی مذاکره29 ستمبر 2018)

# سڀ کان افضل ڪير؟

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 92 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سوانح ڪربلا" صفحي 38 تا 39 تي آهي: اهلسنت جو اِجماع آهي تہ اَنبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ افضل حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان کان پوءِ حضرت عمر، ان کان پوءِ حضرت عثمان، ان ڪانپوءِ حضرت علي، ان کان پوءِ تمام عَشَره مُبَشَّرَه، ان کان پوءِ باقي اهلِ بدر، ان کان پوءِ باقي اهل اُحُد، ان ڪانپوءِ باقي اهل بيعت الرضوان، ان کان بعد تمام صحابہ افضل آهن.اهو اِجماع ابو منصور بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ نقل ڪيو آهي، ابن عَساڪِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُما کان روايت ڪئي آهي، فرمايائون: اسان ابوبڪر کي عمر، عثمان ۽ علي رَضِيَ اللّٰہُ عَنْهُم تي فضيلت ڏيندا هئاسين، جيتوڻيڪ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سان گڏ تشريف فرما هوندا هئا. امام احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت ڪئي آهي، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن فرمايو: هن اُمت ۾ نبي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد سڀ کان بهتر ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمَا آهن. ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ فرمايو: اهو حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان مُتواتِر منقول آهي. (تاريخ الخلفاء للسيوطي ص34)







